هفتيوار رسالو

# تحريرات عطار

(اَراڪينِ مَجلسِ شورا جي ناءُ)

# WRITINGS OF ATTAR

(for the members of
Central Executive Committee)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# تحريرات عطار

## (آراکينِ مرڪزي مَجلسِ شورا جي ناءُ)

### پهريان هي پڙهو

الله پاڪ جي رحمت ۽ ان جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني محمدِ عربي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فيضانِ ڪرم سان، عشقِ رسول جا جام پري پري پيارينداڙ، صحابہ ۽ اهلِ بيت عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو ادب ۽ احترام سيکاريندڙ، نہ صرف نيڪين جو رستو ٻڌائيندڙ بلڪ راهِ سنت تي هلائيندڙ، اولياءِ ڪرام جي محبت دلين ۾ وڌائيندڙ، عاشقانِ رسول جي سنتن پري ديني تنظيم ”دعوتِ اسلامي“1981ع ۾ وجود ۾ آئي.

باني دعوتِ اسلامي، اميرِ اهلِ سنت، حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دامت برڪاتهم العاليہ شروع شروع ۾ ڪجھ اسلامي ڀائرن سان گڏجي سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي جذبي سان سرشار تي گلي گلي، محلي محلي، وسندي وسندي (ڳوٺ ڳوٺ) ۽ پوءِ شهر شهر سفر ڪندا ۽ سنتِ مصطفيٰ جو پيغام عام ڪندا هئا:

مان تہ اڪيلو ئي هليو هئس منزل ڏانهن مگر
ماڻهو گڏ ٿيندا ويا ۽ ڪاروان بڻجندو ويو

الحمد لله! دينِ متين جي خدمت ۽ قرآن و سنت جي فيضان کي عام ڪرڻ جو 1981ع کان شروع ٿيندڙ سلسلو ڏينهن رات جاري رهيو، جيڪو پاڪستان جي مشهور شهر ڪراچي کان اندرونِ سنڌ، پوءِ پنجاب، ڪي پي ڪي (يعني خيبر پختونخواهہ) ۽ بلوچستان کان ٿيندو پاڪستان کان ٻاهر هندستان، يو ڪي، يورپ، آمريڪا، آفريڪا، ڪئناڊا، مليشيا ۽ انڊونيشيا سميت دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن تائين پهچي چڪو آهي.

امير اهل سُنت جي دُورانديشي تي لکين سلام، پاڻ ڪيئي حڪمتن ۽ مصلحتن کي نظر ۾ رکندي سيپٽمبر 2000 عيسوي ۾ پنهنجي رت پگهر سان سينگاريل پياري ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي **”مرڪزي مجلسِ شوريٰ“** قائم فرمائي، ان جو سڀ کان پهريون نگران، زماني جو مشهور نعت خوان، بلبلِ مدينہ الحاج محمد مشتاق عطاري قادري رحمۃ اللہ علیہ کي بڻايو ۽ ان کان پوءِ نگرانِ شوريٰ جي چونڊ (انتخاب) جو اختيار مرڪزي مجلسِ شوريٰ تي رکيو. ان وقت مرڪزي مجلسِ شوريٰ 11 ماڻهن تي مشتمل هئي، هاڻي تائين نگرانِ شوريٰ سميت انهن جو تعداد 29 آهي.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دامت برڪاتهم العاليہ راقم الحروف ابو محمد طاهر عطاري عُفي عنه جي عرض تي تقريبن ٽي سال پهريان 2022ع جي سفرِ مدينہ ۾ مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي ڪجهہ اراڪين جي نالي مختلف مدني گل پنهنجي قلم سان تحرير فرمايا ۽ پوءِ بعد ۾ سيني شوريٰ جي اراڪين جي نالي تحريرن جي هن سلسلي کي مڪمل فرمايو. الحمد لله! هي رسالو جنهن جو

نالو ”تحريراتِ عطار (اراڪينِ مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي نالءِ)“، انهن سمورين تحريرن جو مجموعو آهي.

الله ڪريم اميرِ اهلِ سنت جو سايو خير ۽ عافيت سان گڏ دراز فرمائي ۽ اسان کي سندن ناهيل مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي، شريعت جي دائري ۾ رهي ڪري اطاعت ڪندي، دعوتِ اسلامي جو ديني ڪم ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

طالب غم مدينه و بقيع و بي حساب مغفرت

ابو محمد طاهر عطاري مدني عُفِيَ عَنۡهُ

**دُعاءِ عطار:** اي منهنجا ڪريم رب! جيڪو بہ هي رسالو تحريرات عطار (**مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي اراڪين جي ناءُ**) پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي ديني ماحول ۾ استقامت (ثابت قدمي) عطا فرماءِ ۽ کيس سندس ماءُ پيءُ سميت جنت الفردوس ۾ بغير حساب جي داخلا نصيب فرماءِ. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صلَّى الله عليهِ واٰلهٖ وسلَّم

## دعوت اسلامي زنده باد

جيڪو بہ پنهنجي گهر، دڪان، آفيس يا گاڏي وغيره تي "دعوتِ اسلامي زنده باد" لکي، ان کي دنيا ۽ آخرت ۾ سلامت رک ۽ سندس والدين سميت بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمِيۡنۡ بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيِّن صلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(حاجي عمران، نگرانِ شوريٰ لاءِ تحفو)

## حيا جي اهمت

حديثِ قدسي ۾ اللّٰه پاڪ جو فرمان آهي: "اي انسان تنهنجو دين ان وقت تائين درست نٿو ٿي سگهي، جيستائين تنهنجي زبان سڌي نہ ٿئي ۽ تنهنجي زبان تيستائين سڌي نٿي ٿي سگهي، جيستائين تون پنهنجي رب عزوجل کان حيا نہ ڪرين." (رفيق الحرمين،ص 13تا 14)

(حاجي محمد شاهد عطاري (نگرانِ پاڪستان) جي خدمت ۾ سوغات)

## عرش و ڪرسي کان بہ افضل

(قبرِ انور ۾) الله پاڪ جي سڀ کان آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي جسمِ مبارڪ سان زمين جو جيڪو حصو لڳل آهي، اهو ڪعبي شريف، بلڪ عرش ۽ ڪرسيءَ کان بہ افضل آهي.

(هي تحرير حاجي عبدالحبيب عطاري لاءِ تحفو آهي)

## غصي کي ڪنٽرول ڪرڻ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم: جيڪو شخص پنهنجي ڪاوڙ کي روڪيندو، الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان تان پنهنجو عذاب روڪي ڇڏيندو. (رفيق الحرمين، ص 15)

(حاجي محمد امين عطاري جي خدمت ۾ سفرِ مدينہ جي يادگار سوکڙي)

## قوتِ حافظ لاءِ پيارو عمل

عشاء جي نماز کان پوءِ 3 بادام ڪٽي درود پاڪ پڙهندي پڙهندي پاڻيءَ ۾ پسائي ڇڏيو. فجر جي نماز کان پوءِ (۽ جيڪڏهن روزو رکڻو هجي تہ سحريءَ وقت) درود شريف پڙهندي پاڻيءَ مان ڪڍي، کل لاهي، تنهي بادامن تي"يَا عَلِيْمُ يَا قَوِيّ" 100 ڀيرا پڙهي دم ڪري کائي وٺو. ٻارن لاءِ بہ اهو عمل ڪري کين کارائي سگهجي ٿو. هي عمل جيترا ڏينهن چاهيو ڪري سگهو ٿا، روزاني جو معمول بہ بڻائي سگهجي ٿو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ياداشت ڪافي مضبوط ٿي ويندي.

(الحاج قاري اياز عطاري، رڪنِ شوريٰ جي خدمت ۾ تحفو)

## منهنجي لاءِ سڀ کان بهترين تحفو آهي: "سلام"

صحابيءِ رسول حضرت ابو درداء رضی اللّٰہ عنہ فرمائن ٿا: مون کي منهنجي ڪنهن مسلمان ڀاءُ اهڙو ڪوبہ تحفو نہ ڏنو، جيڪو سلام کان وڌيڪ مون کي پسند هجي. (الزّهد للامام احمد بن حنبل،ص114)

حاجي محمد اسلم عطاري (رڪنِ شوريٰ) خانپور واري جي خدمت ۾ تحريري تحفو)

## محتاجيءَ کان بچڻ جو وظيفو

فرمانِ آخري نبي صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم: لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْمَلِكُ الْحَقُّ الْمُبِيْن جيڪو روزانو 100 ڀيرا پڙهندو، اهو دنيا ۾ محتاجيءَ کان بچندو، ڪيس قبر ۾ گهٻراهٽ نہ ٿيندي ۽ ان لاءِ جنت جا دروازا کوليا ويندا. (الزّهد للامام احمد بن حنبل،ص114)

(رڪنِ شوريٰ حاجي رفيع عطاري جي خدمت ۾ تحفو)

## مان مدينو ڇڏي آيس

چُھپ گیا ہوں نگاہوں سے، آہ! سب مدینہ کا
دلکش و حَسیں منظر، میں مدینہ چھوڑ آیا
دُور ہو گیا سرکار! آہ غمزدہ عطار
جلد آؤں پھر دَر پر، میں مدینہ چھوڑ آیا

(رڪنِ شوريٰ حاجي يعفور رضا عطاري جي خدمت ۾ غمِ مدينہ ۾ ٻڌل تحرير جو تحفو)

## ٻين جا عيب نہ ڳوليو

مسلمانن جا ٻيان خليفا حضرت عمر فاروقِ اعظم رضی اللّٰہ عنہ فرمائن ٿا: ”ٻين جا عيب ڳولڻ کان بچڻ واري کي پنهنجي عيبن جي اصلاح جي توفيق ملندي آهي. (المنبّهات)

(حاجي وقار المدينہ جي خدمت ۾ تحفو)

## ڳالهہ جو قيدي

چيو وڃي ٿو تہ: ڳالهہ انسان جي قيد ۾ هوندي آهي، جڏهن تہ ڳالهائڻ کان پوءِ انسان ان جو قيدي بڻجي ويندو آهي. (دين و دنيا کی انوکھی باتیں، 183/1)

(رڪنِ شوريٰ حاجي اطهر علي عطاري جي خدمت ۾ تحفو)

## هڪ آسان ڪم

فرمانِ آخري نبي صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم : جڏهن ڪو شخص پنهنجي گهر مان نڪرڻ وقت بِسمِ الله پڙهندو آهي تہ ملائڪ چوندو آهي: تنهنجي ذميواري ڪنئين وئي. (اللہ والوں کی باتیں، 7/ 302 بحوالہ جمع الجوامع،302/1)

(حاجي محمد امين قافلہ جي خدمت ۾ تحفو)

## دل روشن ٿيڻ جي نشاني

ڪجهہ عارفن جو قول آهي: مُسڪراهٽ ۽ ٻهڪندڙ چهرو دل جي روشن هجڻ جي نشاني آهي. (فیض القدیر،297/3)

الحاج قاري محمد سليم عطاري (رڪنِ شوريٰ) جي خدمت ۾ انمول تحفو)

## نعمت زائل ٿيڻ جو سبب

ارشادِ امام ابنِ حجر عسقلاني رحمۃ اللہ علیہ: الله پاڪ جون نافرمانيون اڪثر ڪري نعمتن جي زائل ٿيڻ (يعني گھٽجڻ يا ختم ٿيڻ) جو سبب بڻجنديون آھن. (فتح الباری،303/11)

(حاجي محمد علي (رڪنِ شوريٰ جي خدمت ۾ تحريري تحفو)

## دل لاءِ وڏيڪ فائدي مند شيءِ

حضرت محمد بن يونس رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: مون صالحين (يعني نيڪ ٻانھن) جي ذڪرِ خير کان وڏيڪ دل جي لاءِ ڪا ٻي فائدي مند شيءِ نہ ڏٺي.

(عبدُالوھاب عطاري (رڪنِ شوريٰ) لاءِ تحريري تحفو)

## اي اک! رَتُ روئو

افسوس! چند گھڑیاں طیبہ کی رہ گئی ہیں

اے آنکھ! خون روئے تو رونا ہے جس قدر

(الحاج سيد ابراھيم شاھ صاحب جي نذر)

## الله پاڪ جي مخفي تدبير (يعني ڳجھو فيصلو)

ڪي عمل ماڻھو نيڪيون سمجھي ڪندا رھندا، پر اھي قيامت جي ڏينھن گناھن جي پڙ ۾ ھوندا. (احیاء العلوم (مترجم)، 392/1-سورۃ الزمر آیت 47 کے تحت)

(رڪنِ شوريٰ حاجي عقيل مدني جي خدمت ۾ تحفو)

## مٿيءَ جا ٿانوَ

حديث شريف ۾ آهي: جيڪو پنهنجي گهر جا ٿانوَ مٿيءَ جا رکندو، ملائڪ ان جي زيارت ڪندا. ( ردّ المحتار،566/9)

منقول آهي تہ مٿيءَ جي ٿانوَن تي ڪو حساب ناهي. (قوت القلوب،288/1)

ماخوذاً،فيضانِ جنيدِ بغدادی رحمۃُ اللہِ علیہ،ص10)

(حاجي ابو ماجد محمد شاهد مدني (رڪنِ شوريٰ) جي خدمت ۾ تحفو)

## سنت جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم : جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي، اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (ابنِ عساكر،9/ 343 )

(رڪنِ شوريٰ الحاج سيد لقمان شاه صاحب جي خدمت ۾ تحريري تحفو)

## مريض جي عيادت جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم: ”جيڪو ڪنهن مريض جي عيادت لاءِ ويندو آهي تہ آسمان تان هڪ پڪارڻ وارو پڪاريندو آهي: توکي خوشخبري هجي، تنهنجو هلڻ مبارڪ آهي ۽ تو جنت ۾ هڪ منزل کي پنهنجو نڪاڻو بڻائي ورتو. (550 سنتیں اور آداب، ص72تا 73 )

(تحفو براءِ رڪنِ شوريٰ حاجي فضيل رضا عطاري)

## نماز جي اهميت

حضرت خواجه غريب نواز رحمۃُ اللّٰہِ علیہ هڪ پيرو روئيندي فرمايو: نماز دين جو ٿنڀو آهي، جيستائين ٿنڀو سلامت آهي، گهر سلامت آهي، جڏهن ٿنڀو ڪرندو ته گهر به ڪري پوندو. (فيضانِ غريب نواز، ص 7 )

(رڪنِ شوريٰ الحاج الحافظ محمد اسد مدني سلمہ الغني جي خدمت ۾ تحريري تحفو)

## خاموش رهڻ وارا بزرگ

حضرت سيدُنا محمد بن نضر حارثي رحمۃُ اللہ علیہ سان گڏ عبادان ڪان ڪوفي تائين سفر ڪندڙ هڪ صاحب جو بيان آهي ته سڄي واٽ پاڻ هڪ به ڳالهه نه ڪيائون. جڏهن ڪين ڪو ڪم پوندو هو ته پنهنجي پٽ ڏانهن ڏسندا هئا ته اهو اتي ڪم ڪري وٺندو هو. (اللہ والوں کی باتیں، 8/ 298 خلاصه)

حضرت محمد بن نضر حارثي رحمۃُ اللہ علیہ نهايت ئي خاموش رهڻ وارا بزرگ هئا، فرمائن ٿا: علم جي شروعات خاموشي آهي، پوءِ غور سان ٻڌڻ، پوءِ ان کي ياد رکڻ، پوءِ ان تي عمل ڪرڻ ۽ پوءِ ان کي ڦهلائڻ آهي. (ص 297)

(رڪنِ شوريٰ حاجي اظهر عطاري جي خدمت ۾ تحفو)

## مختصر گفتگو

موليٰ علي رضی اللہ عنہ جو فرمان: خَيْرُالْكَلَامِ مَاقَلَّ وَدَلَّ يعني: بهترين ڳالهه اها آهي جيڪا مختصر ۽ جامع هجي. (التعليقة للقاضی حسين (علی مختصر المزنی)،148/1)

(رڪنِ شوريٰ حاجي جنيد مدني جي خدمت ۾ تحريري تحفو)

## مديني جي سختي تي صبر جي فضيلت

هڪ فرمانِ آخري نبي صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم هي بہ آهي: جنهن مديني جي تنگدستي ۽ سختي تي صبر ڪيو، مان قيامت ۾ ان جي شفاعت ڪندس يا ان جي حق ۾ گواهي ڏيندس. (مجمع الزّوائد، 657/3، حديث: 5819 )

(رڪنِ شوريٰ حاجي محمد فاروق جيلاني جي خدمت ۾ تحفو)

## مڪي جي گرميءَ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم: جيڪو شخص ڏينهن جو ڪجهه وقت مڪي جي گرميءَ تي صبر ڪري، جهنم جي باهه ان کان پري ٿي ويندي آهي.

(رڪنِ شوريٰ حاجي بغداد رضا لاءِ تحفو)

## سڀ کان وڌيڪ مهربان

فرمانِ آخري نبي صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم: منهنجي امت لاءِ سڀ کان وڌيڪ مهربان ابوبڪر صديق (رضی اللہ عنہ ) آهن. (ترمذی،حديث 815 ملتقطاً)

(حاجي منصور عطاري جي خدمت ۾ تحفو)

## حافظو مضبوط ۽ نظر تيز ٿئي

گجر جي موسم ۾ روزانو هڪ گجر کائڻ سان حافظو مضبوط ٿيندو آهي ۽ نظر تيز ٿيندي آهي، ايستائين جو جيڪڏهن عينڪ پائيندڙ هجي ته نمبر گهٽجڻ شروع ٿي ويندا. (اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!) (گجر ڌوئي، کل لاهڻ کان سواءِ کائو، ڇو ته کل لاهڻ سان ان جي هيٺان موجود وٽامن سي (C) ضايع ٿي سگهي ٿو).

(رڪنِ شوريٰ حاجي برڪت علي عطاري جي خدمت ۾ تحفو)

## دعا جي قبوليت جو مقام

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: خواجه غريب نواز رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي مزار شريف تي دعا قبول ٿيندي آهي. ( امام احمد رضا در خواجه پر، ص 15)

(رڪنِ شوريٰ حاجي خالد عطاري (U.K) جي خدمت ۾ تحفو)

## جنت ۾ نه ويندو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ڏوڪو ڏيندڙ جنت ۾ داخل نه ٿيندو. (ترمذی، 3/3 ،88 حديث:1970) يعني ڏوڪي جو عذاب چکڻ کان پوءِ جنت ۾ داخل ٿيندو.

(عبد المبين عطاري (بنگلاديش) جي خدمت ۾ تحفو)

## دعا جي وقت دل جي نرمي

فرمانِ مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ وآلہٖ وسلّم: رقت قلب (يعني دل جي نرمي ۽ روئڻ وغيره) جي وقت دعا کي غنيمت ڄاڻو. (کنزالعمال، 48/1، حديث: 3367)

(اُمّ ربيع عطاريہ جي خدمت ۾ سوغات)

## بي بي فاطمہ رضی اللہ عنہا مان جنت جي خوشبو ايندي هئي


سيده خاتونِ جنت حضرت بي بي فاطمہ زهرا رضی اللہ عنہا مان جنت جي خوشبو ايندي هئي، جنهن کي حضور صلّی اللہ علیہ وآلہٖ وسلّم سنگهندا هئا، ان کري پاڻ سڳورن جو لقب ”زهرا“ پيو. (مرآة المناجيح، 453/8)

اُمّ قربان عطاريہ (رابطہ براءِ شخصيات) جي خدمت ۾ سوغات

## منافقت کان پاک دل

فرمانِ مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ وآلہٖ وسلّم: ”جيکو محمد (صلّی اللہ علیہ وآلہٖ وسلّم) تي درود پاک پڙهندو، ان جي دل منافقت کان اهڙي طرح پاک ٿي ويندي جهڙي طرح ڪپڙو پاڻيءَ سان پاک ٿي ويندو آهي“. (القول البديع، ص 277)

اُمّ صفا عطاريہ (حج و عمره وغيره) جي خدمت ۾ سوغات




فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net